SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 2001
# سنڌ ڀاڙي تي ورتل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعه 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعه 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعه 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعه 21 جي ترميم
Amendment of section 21 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعه 21_A جو اضافو
Insertion of section 21_A of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

# سنڌ آرڊيننس نمبر XIV مجريه 2001
# SINDH ORDINANCE NO.XIV OF 2001
# سنڌ ڀاڙي تي ورتل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 2001
# THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 2001

[17 اپريل 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of section 4 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

2. سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 4 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن “يا فرسٽ ڪلاس ماجسٽريٽ” کي ختم ڪيو ويندو.

(ii) ذيلي دفعہ (3) کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعہ 15 جي ترميم
Amendment of section 15 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 15 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (ii) ۾، آخر ۾ ايندڙ سيمي ڪولن کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

“بشرطيڪ جتي زميندار پاران ڏنل درخواست هن شق ۾ ڄاڻايل مک مقصد موجب آهي ۽ پهرين ڏينهن جي ٻڌڻي تي سندس طرفان دعويٰ ڪيل ادائگي تي ڪرائيدار پنهنجي ذميداري قبول ڪري ٿو تہ،

ڪنٽرولر جيڪڏهن اهو مطمئن آهي تہ ڪرائيدار اڳ ۾ ڪڏهن بہ ڀاڙو ناهي رهايو ۽ رهت ڇهہ مهينن کان وڌيڪ نہ آهي تہ اهو ڪرائيدار کي دعويٰ ڪيل ادائگي ان مقصد لاءِ مقرر ڪيل تاريخ تي يا ان کان اڳ ادا ڪرڻ جي هدايت ڪندو ۽ اهڙي ادائگي تي، هي درخواست کي خارج ڪري ڇڏيندو.”

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

section 16 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979
1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII

"بشرطيڪ ڪنٽرولر هدايت ڪري سگهي ٿو تہ مڪمل پاڙي جون رهتون مالڪ کي پي آرڊر يا ٻئي ڪنهن طريقي جنهن تي ڌريون راضي ٿيون هجن، تحت ڪيون وڃن، يا جيئن ڪنٽرولر هدايت ڪئي هجي."

جي دفعہ 21 جي ترميم
Amendment of section 21 of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

5.چاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 21 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن "هاءِ ڪورٽ" لاءِ لفظن "ضلعي جج جنهن کي اهڙي علائقي تي دائره اختيار هجي جتي احاطا هجن، جن جي سلسلي ۾ حڪم جاري ڪيو ويو آهي" کي متبادل بڻايو ويندو.

(ii)ذيلي دفعہ (1) کانپوءِ، هيٺيون نيون ذيلي دفعات شامل ڪيون وينديون:

"(1_A). اهڙي اپيل تي ترجيحي بنيادن تي ضلعي جج ان جي پڌٽي پاڻ ڪري سگهي ٿو يا نيڪال لاءِ ان کي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ڏانهن اماڻي سگهي ٿو.

(1_B). ڊسٽرڪٽ جج ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ڏانهن اماڻيل اپيل کي واپس گهرائي سگهي ٿو ۽ ان جي پڌٽي پاڻ ڪري سگهي ٿو يا ان کي ڪنهن ٻئي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج ڏانهن نيڪال لاءِ اماڻي سگهي ٿو.

(1_C). اپيليٽ اٿارٽي اپيل جي ڪنهن بہ موقعي تي ڌرين وچ ۾ ٺاهڻ ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري سگهي ٿي.

(1_D). اپيليٽ اٿارٽي، جتي اها مناسب سمجهي، حتمي حڪم جاري ڪرڻ کان اڳ اٿارٽي طرفان طئي ڪيل اضافي پاڙو ڏيڻ جي شرط تي ڪرائيدار کي ڪرائيداري جاري رکڻ جي اجازت ڏئي سگهي ٿي.

(1_E). هڪ ڌر جي درخواست تي ۽ ٻي ڌر کي نوٽيس ڏيڻ کانپوءِ ۽ اهڙن مان ٻڌڻ جي خواهش تي ٻڌڻ کانپوءِ، يا اهڙي نوٽيس کانسواءِ پنهنجي ازخود تحرڪ وٺڻ تي.

(a) اپيليٽ اٿارٽي ڪنهن به موقعي تي ڪنٽرولر وٽ التوي ۾ پيل ڪنهن اپيل کي خارج ڪري سگهي ٿي ۽ ساڳيءَ کي ڪنهن ٻئي ڪنٽرولر ڏانهن نيڪال لاءِ منتقل ڪري سگهي ٿي.

(b) هاءِ ڪورٽ ڪنهن به موقعي تي ڪنهن اپيليٽ اٿارٽي وٽ التوي ۾ پيل ڪنهن اپيل کي خارج ڪري سگهي ٿي يا ساڳيءَ کي ڪنهن ٻي اپيليٽ اٿارٽي ڏانهن نيڪال لاءِ منتقل ڪري سگهي ٿي، جيڪا ان کي نيڪال ڪرڻ لاءِ مجاز هجي.".

1979 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVII جي دفعه 21_A جو اضافو

Insertion of section 21_A of Sindh Ordinance No.XVII of 1979

6.ڄاڻايل آرڊيننس ۾، دفعه 21 کانپوءِ، هيٺين نين دفعه شامل ڪئي ويندي:

"21_A. هن آرڊيننس تحت داخل ڪيل ۽ سنڌ ڀاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 2001 جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ هاءِ ڪورٽ ۾ التوي هيٺ سموريون اپيلون، ڊسٽرڪٽ جج ڏانهن منتقل ٿي وينديون جنهن کي دفعه 21 جي ذيلي دفعه (1) ۾ بيان ڪيل نيڪالي جو دائره اختيار هوندو:

بشرطيڪ اهڙيون اپيلون جيڪي فيصلي لاءِ طئي ٿيل آهن، انهن جو نيڪال هاءِ ڪورٽ طرفان ڪيو ويندو.".

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**